# ديني شاگردن تي
# خرچ ڪرڻ

## 04-November-2021

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



4 نومبر 2021 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماع ۾ ٿيندڙ بيان

# ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

- اصحابِ صفہ ۽ انهن جو شوقِ علمِ دين؟
- رَسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اصحابِ صفہ سان ڪيئن محبت ڪندا هئا؟
- رَسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديني طالبن جي لاءِ خرچ ڪرڻ
- صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ديني طالبن جي لاءِ خرچ ڪرڻ
- حضرت امام اعظم ڪنهن جي ڪفالت بہ ڪئي ۽ علمِ دين بہ سيکاريو؟
- ديني ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جا فائدہ ۽ ان جي اهميت

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زمزم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (**يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.**) جيڪڏهن ممڪن هجي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري 12 پيرا درود پاڪ پڙهي وٺو يا ٻيو ڪو نيڪ ڪم ڪري وٺو. ان شاءالله ثواب وڌي ويندو ۽ مسجد ۾ کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ وغيره بہ جائز ٿي ويندو.

## درود پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سَيِدُنا حَفص بن عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ مون اِمام اَلْمُحَدِّثِين حضرتِ سَيِدُنا اَبُو زُرعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سندن وَفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو پهرين آسمان تي ملائڪن کي نماز پڙهائي رهيا آهن. مون پڇا ڪئي: اي

اَبُو زُرعَہ! اوهان ڪي اهو اِعزاز ۽ مرتبو ڪيئن مليو؟ انهن اِرشاد فرمايو: ”مون پنهنجي هٿ سان ڏهه (10) لک حَديثون لکيون آهن ۽ مان هر حديث ۾ دُرود پاڪ پڙهندو هئس ۽ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي تہ جيڪو مُسَلمان هڪ ڀيرو مون تي دُرُود شريف موڪليندو آهي تہ اللہ پاڪ ان تي ڏهه رَحمتون نازِل ڪندو آهي“. (شرح الصدور،باب في نبذ من اخبار من رأي الموتي...الخ،ص ۲۹۴)

سر سے پاتک کروڑ بار سلام اور سراپا پہ بے شمار درود
دل میں جلوے بسے ہوئے تیرے لب سے جاری ہو بار بار درود
قبرؔ میں خُوب کام آتی ہے بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرُود

(ذوقِ نعت، ص، ۱۲۴-۱۲۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** **نيڪ ۽ جائز ڪم ۾** جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ سنين سنين نيتن سان اول کان آخر تائين بيان ٻڌو ❖ مڪمل توجهہ سان بيان ٻڌڻ جي نيت ڪيو ❖ ادب سان ويهڻ جي نيّت ڪيو ❖ جيڪڏهن قلم(Pen/ Pencil)، ڊائري اوهان وٽ آهي تہ اهم نڪتا نوٽ ڪرڻ جي نيت ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي "**ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ**" اڄ اسان انهيءَ باري ۾ صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ ٻين بزرگن جا اهڙا واقعا ٻڌنداسين جن دِينِ اسلام جي سربلندي جي لاءِ پنهنجو وقت ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجو مال به خرچ ڪيو. اڄ جي دور ۾ اسان دِيني شاگردن جي ڪهڙي طرح سان خدمت ڪري سگهون ٿا؟ هن باري ۾ ڪجهه مدني گل به ٻڌنداسين. سڄو بيان مڪمل توجهه سان ٻڌڻ جي نيت ڪريو.

## علمِ دين جي پياسن تي مال خرچ ڪيو

حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ هڪ سفر تان واپسيءَ تي خاتونِ جنت حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف وٺي آيا پر گهر جي دروازي تي هڪ پردو ۽ پنهنجي لختِ جگر جي هٿن ۾ چاندي جا به ڪنگڻ ڏسي واپس موٽي ويا. حضرت ابو رافع رَضِيَ اللهُ عَنْه خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته اهي روئي رهيون هيون، انهن مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي موٽي وڃڻ جي خبر ڏني ته حضرت ابورافع رَضِيَ اللهُ عَنْه بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي واپسي جو سبب پڇيو، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: دروازي تي موجود پردي ۽ چاندي جي ڪنگڻن جي سبب مان واپس موٽي پيس. (ابو داود، كتاب الترجل، باب ما جاء في الانتفاع بالعاج،۴/ ۱۱۸، حديث :۴۲۱۳، بتغير)

حضرت ابو رافع رَضِيَ اللهُ عَنْه خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي هن ڳالهه جي خبر ڏني ته انهن پردو ڦاڙي ڇڏيو ۽ ڪنگڻ حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جي هٿان بارگاهِ رسالت ۾ موڪلي ڇڏيا ۽ عرض ڪيو: مان هي ڪنگڻ صَدَقو ڪيان ٿي، اوهان جتي مناسب سمجهو اتي خرچ ڪري ڇڏيو. غريبن جي والي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه کي ارشاد فرمايو: انهن کي وڪڻي اهلِ صُفّه تي خرچ ڪري ڇڏ. پوءِ حصرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه اهي ٻئي ڪنگڻ اڍائي درهمن ۾ وڪڻي اصحابِ صفه تي صدقو ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پيارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي نياڻيءَ جي گهر تشريف وٺي آيا ۽ ارشاد فرمايائون: توهان تي منهنجا ماءُ پيءُ فدا (مان فدا منهنجا ماءُ پيءُ فدا انتهائي محبت وعظمت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ چيا ويندا

آهن) توهان تمام سنو ڪيو. (سنن النسائي، ڪتاب الزينة، باب الڪراهية للنساء في اظهار الحلي والذهب ، ص٨٢٠، حديث:٥١٥٠ ،بتغير)

مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سفر ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ته پهريان سمورن گهر وارن کان موڪلائيندا هئا سڀ کان آخر ۾ حضرت فاطمه زهرا رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان موڪلائيندا هئا ۽ جڏهن سفر تان واپس موٽندا هئا ته سڀ کان پهريان بي بي فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف کڻي ايندا هئا پوءِ ٻين اهلِ بيت وٽ ايندا هئا. مطلب ته ويندا ها تڏهن به سندن جي گهران کان ٿي ويندا ها ۽ ايندا ها تڏهن به سندن جي گهر ۾، ان گهر جي عزت تي لکين سلام. دروازي تي لٽڪيل پردي ۽ ڪنگڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا: دروازي جو اهو پردو غالبًا تصويرن وارو هو ۽ چاندي جا ڪنگڻ چوڪرن (يعني امام حسن و امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهما) جي لاءِ هئا، مردن جي لاءِ ڪنگڻ حرام آهن ۽ تصويرن وارو پردو پڻ حرام آهي. بي بي فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي انهن شين جي حُرمت جي اجان تائين خبر نه هئي. ان ڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا انهن شين ڏانهن ڌيان نه ڏنائون، نه ته اهلِ بيتِ نبوت چاڻي واڻي ناجائز ڪم نٿا ڪري سگهن. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صرف ناراضي ڏسي پڙدو ڦاڙي ڇڏيو ۽ ڪنگڻ حضور جي بارگاهه ۾ صدقو ڪرڻ جي لاءِ موڪلي ڇڏيا. ته جيئن هن عمل کي ڏسي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ گهر ۾ تشريف کڻي اچن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيندا هئا ته حضرت فاطمه زهرا به انهن ڪنگڻن کي نه پائي ڇوته توڙي جو انهن جي لاءِ پائڻ جائز آهي پر مان چاهيان ٿو ته منهنجا اهل بيت جائز سينگار به شان و شوڪت سان نه ڪن ته جيئن انهن جون دليون دنيا ۾ نه لڳن ۽ آخرت ۾ انهن جا درجات اجان بلند ٿين اهي دنيا ۾ فقر و رياضت جي زندگي گذارين. (مرآة المناجيح، ٦/١٧٧بتغير)

## والدين جي لاءِ نصيحت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ مبارڪ ۾ والدين جي لاءِ نصيحت آهي

تہ هو پنهنجي اولاد خاص ڪري ڇوڪرين جي ديني اعتبار سان تربيت ڪن. تہ جيئن اهي شادي کان پهريان ۽ شادي کان بعد بہ نيڪ سيرت عورت بڻجي پنهنجي ٻارن جي ديني اعتبار سان تربيت ڪن. ڇوتہ عورت کان ئي هڪ چڱو گهراڻو ۽ خاندان بڻجندو آهي. پوءِ انهن جي پنهنجي ٻارن جي سٺي تربيت ڪرڻ سان هڪ بهترين ۽ نيڪ معاشرو بڻجندو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي پيڻ ڌيءُ جي تربيت دين جي مطابق ڪريون. اهو بہ معلوم ٿيو تہ جتي والدين جي سعادت مندي اها آهي تہ اهي نياڻيءَ جي چڱي تربيت ڪن اتي نياڻيءَ جي سعادت مندي اها آهي تہ اها والدين جي جائز خوشين جو لحاظ رکي. انهن جي خدمت ڪري، انهن جي مزاج کان واقف ٿئي، پوڙهائپ ۾ خاص ڪري انهن جي سٺي طرح خدمت ڪري. پنهنجي خوشين تي والدين جي جائز خوشين کي ترجيح ڏئي. مطلب تہ انهن جي خدمت ۾ ڪا ڪمي نہ ڪري. جيئن خاتونِ جنت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا سعادت مند ڌيءُ هيون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جي سعادت مندي جي ڪري ئي اسان تي ڪرم ٿيو جو رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ خاتونِ جنت کي هڪ تسبيح عطا فرمائي جنهن کي تسبيحِ فاطمہ چيو ويندو آهي.

## تسبيح فاطمہ

امير المؤمنين مولا مشڪل ڪشا حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰہُ وَجۡہَہُ الۡکَرِیۡم فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ ڪجهہ قيدي آندا ويا تہ مون حضرتِ فاطمہ کي چيو تہ تون پنهنجي بابا سائين، حضور رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪو غلام وٺي اچ تہ جيئن اهو ڪم ڪار ۾ تنهنجو هٿ ونڊائي سگهي. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا شام جي وقت حضور نبي اَڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيون تہ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پڇا ڪئي: ڌيءُ ڇا ڳالهہ آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا صرف ايترو عرض ڪيو تہ سلام جي لاءِ حاضر ٿي آهيان. حياء جي سبب وڌيڪ ڪجهہ نہ چئي سگهيون. جڏهن گهر موٽيون تہ حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰہُ وَجۡہَہُ الۡکَرِیۡم پڇا ڪئي: ڇا ٿيو؟ چيائين: مان حياءُ جي ڪري وڌيڪ ڪجهہ نہ چئي سگهيس. ٻي رات وري حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰہ

وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم خاتونِ جنت، حضرت فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللهُ عَنۡہا کي نبي ڪريمصَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ گهر جي ڪم ڪار ۾ سهولت جي لاءِ هڪ غلام گهرڻ لاءِ موڪليو پر پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡہا هن پيري بہ حياءُ جي سبب سوال نہ ڪري سگهيون. (حضرت علي المرتضيٰڪَرَّمَ اللهُ وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم وڌيڪ فرمائن ٿا تہ) جڏهن ٿئين شام آئي تہ اسان ٻئي حضور نبي اَڪرم، نُورِ مُجَسَّمصَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اچڻ جو سبب پڇيو تہ حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يا رسول الله! اسان کي ڪم ۾ دشواري ٿيندي آهي تنهنڪري اسان چاهيو تہ اوهان کان ڪو غلام گهرون. حضور نبي اَڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ڇا مان توهان کي اهڙو ڪم نہ ٻڌايان جيڪو توهان جي لاءِ ٻانڌهن انن کان بهتر آهي؟ حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم عرض ڪيو: جي ها! يا رسولَ الله! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: صبح شام 33 ڀيرا سُبۡحَانَ الله، 33 ڀيرا اَلۡحَمۡدُلِلّٰه ۽ 34 ڀيرا اَللّٰه اَڪبَر چئو، صبح ۽ شام هزار نيڪيون ملنديون. حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم فرمائن ٿا: هن کان پوءِ مون انهن تسبيحات کي پنهنجي معمول ۾ شامل ڪري ورتو وري ڪڏهن هن عمل کي نہ ڇڏيو، ايستائين جو صفين جي جنگ واري رات ۾ ان کي پڙهڻ وسري ويو هو پوءِ مون کي آخر ياد اچي ويو تہ مون پڙهي ورتو. (سنن کبري للنسائي،كتاب عمل اليوم والليلة،باب ثواب ذلک،۶/۲۰۴،حديث: ۱۰۶۵۲)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان ٻڌو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ خاتونِ جنت رَضِیَ اللهُ عَنۡہا جي طرفان ڏنل ڪنگڻ اصحابِ صُفّہ تي خرچ ڪري ڇڏيا، الله جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي هن مبارڪ عمل سان اسان کي اهو درس ڏنو تہ ديني طالبِ علمن تي پنهنجو مال خرچ ڪرڻ گهرجي. آقا عَلَیہِ السَّلام چاهين ها تہ ان مال کي ڪنهن ٻي نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم بہ ڏئي سگهيا ٿي پر پاڻ عَلَیہِ السَّلام اصحابِ صُفہ جيڪي دين جو علم سکڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا، انهن تي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن مان خبر پئي تہ اسان کي پنهنجو مال انهن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي جن سان **دين کي** گهڻو فائدو ٿئي. پنهنجو

مال ديني ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ سان گڏوگڏ جيترو وڌ ۾ وڌ ٿي سگهي ته اسان کي پنهنجو وقت به پيش ڪرڻ گهرجي، فيضانِ مصطفيٰ سان مالامال ٿيڻ وارا صحابہ ڪرام ۽ ٻين بزرگن سڳورن جا اهڙا سوين واقعا آهن جو جن جو مال ديني ڪمن ۾ وقف ٿيڻ سان گڏوگڏ انهن جو وقت به دين جي سربلندي جي لاءِ گذرندو هو. الله پاڪ انهن عظيم هستين جي دينِ اسلام جي لاءِ ڏنل قربانين جي صدقي اسان کي به اهڙو جذبو نصيب فرمائي جو اسان به پنهنجو مال الله پاڪ جي راهه ۾ پيش ڪريون ۽ پنهنجو وقت به علمِ دين سکڻ سيکارڻ ۾ گذاريون.

## ابتداءِ اسلام ۾ صحابہ جون قربانيون

اي عاشقانِ رسول! هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته ابتداءِ اسلام جو دور گهڻو ئي مشڪل دَور هو. صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي دِين سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ اهڙين اهڙين پريشانين ۽ مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو جو جن جو تصور به ڏڪائي ڇڏي ٿو. بک، اڃ، بي وسي، مسافري، پنهنجن جون بي وفائيون، غيرن جون دشمنيون، گهر بار کان دوري، ڪيئي ڪيئي ڏينهن بک اڃ ۾ گذري ويندا هئا! مطلب ته! ڪيئي مشڪلاتون هيون، صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هر آزمائش جو جمي مقابلو به ڪيو ۽ مديني جي تاجدار، سڄي ڪائنات جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامي به نه ڇڏيائون. دِين سکڻ، دين جي خدمت ۽ دِين جي تبليغ ڪرڻ کي نه ڇڏيائون.

## اصحابِ صُفّہ ڪير آهن؟

اهي صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جيڪي حضور عَلَيهِ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي خدمت ۾ صرف دِين سکڻ جي لاءِ حاضر رهندا هئا. انهن کي اصحابِ صُفّه چيو ويندو آهي. انهن جو شان ته بي مثل ۽ بي مثال آهي.

اصحابِ صُفّہ ڪير هئا؟ هنن جي باري ۾ به ٻڌي ونو ته مَسجِدِ نبوي شريف ۾ هڪ چبوترو هو، جتي(مختلف اَوقات ۾) اٽڪل چار پنج سؤ فقراءِ

مهاجرين ويهندا هئا. انهن کي اصحابِ صُفّہ چوندا آهن. انهن وٽ نہ گهر هو نہ دُنياوي ساز و سامان ۽ نہ ئي ڪو ڪاروبار. غُربت جو عالم اِهو هو جو اِنهن مان 70 وٽ تہ اَوگهڙ ڍڪڻ جي لاءِ پورو ڪپڙو بہ نہ هو. انهن جي تعداد ۾ گهٽ وڌائِي ٿيندي رهندي هئي. مديني شريف ۾ اچڻ واري جو ڪو ڄاڻ سُڃاڻ وارو نہ هوندو هو تہ اهو بہ صُفّہ وارن ۾ شامل ٿي ويندو هو. (تفسير نعيمي،۳/۱۳۲مفهوما)

## اصحابِ صُفّہ جا فاقہ

صحابہِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي هيءَ اها مقدس جماعت آهي جيڪي پنهنجا گهر ٻار، اهل و عيال ۽ فڪرِ روزگار کان بي نياز ٿي صرف ۽ صرف دِين سکڻ جي لاءِ مسجدِ نبوي ۾ ئي رهندا هئا. اهي بک بہ برداشت ڪندا هئا، اڃ بہ سهندا هئا، اهي تڪليفن کي بہ منهن ڏيندا هئا ۽ فاقن ۾ بہ مبتلا ٿيندا هئا پر دين سکڻ انهن نہ ڇڏيو. ڪيترن ئي روايتن ۾ اچي ٿو تہ اهي عظيم انسان ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين فاقہ ڪشي ۾ گذاريندا هئا (يعني بغير کائڻ پيئڻ جي گذاريندا هئا).

اچو اَصحاب صُفّہ جي قربانين ۽ انهن جي فاقن جي باري ۾ ڪجهه پڙهون ٿا:

(1) حضرتِ سيدُنا فَضالَہ بن عُبَيد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا، حبيبِ ڪِبْرِيا، اِمامُ الانبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا تہ ڪي صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان نماز ۾ ئي قيام جي حالت ۾ بُک جي سختيءَ جي سبب ڪِري پوندا هئا ۽ اهي اصحابِ صُفہ هوندا هئا. ايستائين جو اعرابي چوندا هئا تہ اهي ديوانا آهن. جڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز مان فارغ ٿيندا هئا تہ انهن ڏانهن متوجهہ ٿي فرمائيندا هئا، (اي اصحابِ صُفہ) جيڪڏهن توهان کي معلوم ٿي وڃي تہ توهان جي لاءِ اللّٰه تعاليٰ وٽ ڇا (اجر ۽ ثواب) آهي تہ توهان انهيءَ ڳالهہ کي پسند ڪريو تہ توهان جي بُک ۽ حاجت منديءَ ۾ اجان وڌارو ٿئي. (فيضانِ سنّت، ص۷۰۲،ترمذي،ڪتاب الزهدباب ماجاء في معيشة ...الخ، ۴/۱۶۲،حديث:۲۳۷۵)

(2) حضرت سَيدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جيڪي اصحابِ صفہ مان هئا اهي فرمائن ٿا:

مون (بُک سبب) پنهنجي اها حالت ٻه ڏٺي جو مديني جي تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم جن جي مِنبر شريف ۽ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہ عَنْھَا جي حُجري مبارڪ جي وچ ۾ بيهوش ٿي ڪِري پوندو هئس، ڪو ماڻهو اچي منهنجي ڪنڌ تي پير رکي ڇڏيندو هو. اهو سمجهندو هو ته مون تي جُنون جي ڪيفيت طاري آهي، حالانڪ مون کي جُنون وغيره ڪجهه به نه هوندو هو اِها حالت بُک جي ڪري هوندي هئي. (فيضانِ سنّت ص۶۹۵،بخاري،ڪتاب الاعتصام بالڪتاب والسنة باب ذڪر النبي ...الخ،۴/۵۱۵،حديث:۷۳۲۴)

دو عالم نہ کیوں ہو نثارِ صحابہ کہ ہے عرش منزل وقارِ صحابہ
امیں ہیں یہ قرآن و دینِ خدا کے مدارِ ہدیٰ اعتبارِ صحابہ
نمایاں ہے اسلام کے گلستاں میں ہر اک گل پہ رنگِ بہارِ صحابہ
صحابہ ہیں تاجِ رسالت کے لشکر رسولِ خدا تاجدارِ صحابہ
پسِ مرگ اے اعظمیؔ یہ دعا ہے بنوں میں غبارِ مزارِ صحابہ

کراماتِ صحابہ، ص ۳۰

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي بک جو ذکر

حضرت سيدُنا عامر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي ته حضرت سيدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمايو: مان اصحاب صفه مان هئس. هڪ ڏينهن مون روزو رکيو. شام جي وقت پيٽ ۾ تڪليف جو احساس ٿيو ته مان قضاء حاجت جي لاءِ هليو ويس. جڏهن واپس موٽيس ته صُفه وارا پنهنجو ڪاڌو کائي چڪا هئا. قريش جا مالدار ماڻهو صُفه وارن ڏانهن ڪاڌو موڪليندا هئا. مون پڇا ڪئي ته: اِج ڪاڌو ڪنهن جي طرفان آيو هو؟ هڪ شخص ٻڌايو: اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا عمربن خطاب رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي طرفان. مان اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ وٽ ويس ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ نماز کان پوءِ تسبيحات پڙهڻ ۾ مصروف هئا. مان انتظار

ڪرڻ لڳس. جڏهن فارغ ٿيا تہ مون ويجهو وڃي عرض ڪيو: مون کي ڪجھ پڙهائي ڇڏيو. ۽ منهنجو مقصد اهو هو تہ مون کي ڪجھ کاڌو کارايو. امير المؤمنين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ مون کي سوره آل عمران جون آيتون پڙهائڻ لڳا. پوءِ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ گھر ويا تہ مون کي دروازي تي ڇڏي پاڻ اندر هليا ويا ڪافي دير تي وئي پر واپس نہ موٽيا. مون سوچيو شايد ڪپڙا مٽائي رهيا هجن. يا منهنجي لاءِ گھر وارن کي کاڌي جو حڪم ڏنو هجي پر مون اتي اهڙو ڪجھ نہ ڏٺو. جڏهن تمام گھڻي دير ٿي وئي تہ مان اتان ڪان نڪتس. راهہ ۾ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ملاقات ٿي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اي ابوهريره! اڄ تنهنجي وات مان تيز خوشبو اچي رهي آهي. مون عرض ڪيو: جي ها! يارسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اڄ مون روزو رکيو هو ۽ اجان تائين افطار ناهي ڪيو ۽ نہ ئي مون وٽ ڪجھ آهي جنهن سان روزو افطار ڪيان. رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي پنهنجي گھر وٺي ويا ۽ هڪ پيالو گھرايو جنهن ۾ کاڌي جو ڪجھ اثر باقي هو. مون کي ائين لڳو جيئن هن مان ڪنهن جَو کاڌا هجن. پيالي جي ڪنارن تي ڪجھ کاڌو باقي بچيل رهجي ويو هو جيڪو تمام گھٽ هو. مون بِسْمِ اللّٰہ پڙهي ان کي گڏ ڪيو ۽ کائي ورتو ايستائين جو مان سير ٿي ويس. (اللہ والوں کی باتیں،۱/۶۴۲ملخصا)

## اصحابِ صُفّہ سان سرڪار صلی اللہ علیہ وسلم جي محبت

اي عاشقانِ صحابہ! اسان کي غور ڪرڻ گھرجي تہ اصحابِ صُفّہ تہ ايتري مشقت سان علم دين حاصل ڪندا هئا، ڇا اسان آسانين جي باوجود بہ گھٽ ۾ گھٽ ضروري فرض علم حاصل ڪريون ٿا؟ اصحابِ صُفّہ ڪيتريون پريشانيون سهندا هئا، بظاهر اهي گھڻا غريب هئا، اهي گھڻا نادار هئا، نہ انهن کي ڪجھ کائڻ لاءِ نيڪ طرح ملندو هو نہ ئي پيئڻ لاءِ پر انهن کي اهو شرف ضرور حاصل هو جو اهي اصحابِ صُفّہ رسولِ ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا گھڻا مُقَرَّب هئا، آقا ڪريم عَلَیہ السَّلَام انهن سان گھڻي محبت ڪندا هئا. اسان جي مني مني آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ وٽ جڏهن ڪو تحفو، صدقو يا

مالِ غنيمت ايندو هو ته پاڻ ان مان اصحابِ صُفّه تي خرچ ڪندا هئا. حديثن ۾ اچي ٿو ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻين اصحابن کي ترغيب ڏياريندا هئا ته اهي اصحابِ صُفّه کي کاڌو کارائن ۽ انهن تي خرچ ڪن. انهن مان ڪن جي خرچ جا ڪفيل خود آقا ڪريم عَلَیهِ السَّلَام هئا. (مرآۃ المناجیح، ۳۵/۷)

## اصحابِ صُفّہ جو علمِ دين سکڻ

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اصحابِ صُفّہ کي پاڻ سان گڏ کاڌي ۾ شريڪ فرمائڻ جي ڪوشش فرمائيندا ها. هن حُسن سلوڪ جو بنيادي سبب اهو هو ته اصحابِ صُفّه علمِ دين سکندا هئا، هُو مسجدِ نبوي ۾ رهي ڪري بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان فيض حاصل ڪندا هئا، ڪيئي روايتن ۾ انهن جي علمِ دين سکڻ سيکارڻ جو تذڪرو ملي ٿو.

## آقا ڪريم ﷺ جو ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **اصحابِ صُفّه علمِ دين** سکندا هئا ان ڪري پيارا آقا، منا منا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ خود به انهن تي خرچ ڪندا هئا ۽ ٻين کي ترغيب به ارشاد فرمائيندا هئا. ۽ ائين ناهي ته آقا ڪريم عَلَیهِ السَّلَام صرف اصحابِ صُفّه تي ئي خرچ ڪندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مال ته دين جي لاءِ وقف هو. جيترو به مال سندن خدمت ۾ ايندو هو، پاڻ راهِ خدا ۾ خرچ ڪندا هئا.

حضرت سَيِدُنا ابُوذَر رَضِیَ اللّٰہ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان نبيِ اَڪرَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سان گڏ هيس. جڏهن پاڻ سڳورن احد جبل کي ڏٺو ته فرمايو: "جيڪڏهن اِهو جبل منهنجي لاءِ سون بڻجي وڃي ته مان پسند نه ڪندس ته ان مان هڪ دينار به مون وٽ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ رهجي وڃي، سواءِ ان دينار جي جنهن کي مان قرض جي ادائيگي جي لاءِ رکي ڇڏيان". (بخاري، ڪتاب في الاستقراض... الخ،باب اداء الديون، ۲/ ۱۰۵، حديث:۲۳۸۸)

رب ڪريم قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَاَمَّا السَّآىِٕلَ فَلَا تَنْهَرْؕ۝۱۰ (پ۳۰،الضحي:۱۰) ترجمو ڪنز الايمان: ۽ سوالي کي نه جهڙڪ

يعني اي حبيب! صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ، جڏهن اوهان جي بارگاھ ۾ ڪو سوالي اچي ڪجھ گهري تہ ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڏڙڪا ڏيڻ مناسب ناهي بلڪ ان کي ڪجھ ڏيو يا حسنِ اَخلاق ۽ نرمي سان انهن جي سامهون نہ ڏيڻ جو عذر بيان ڪري ڇڏيو. (خازن، الضحي، تحت الآية: ۱۰، ۴ / ۳۸۸، مدارک، الضحي، تحت الآية: ۱۰، ص۱۳۵۷، ملتقطاً)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ انهيء آيت ڏانهن اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

مومن ہوں مومنوں پہ رؤفٌ رحیم ہو سائل ہوں سائلوں کو خوشی لانہر کی ہے
مانگیں گے مانگے جائیں گے منھ مانگی پائیں گے سرکار میں نہ "لا" ہے نہ حاجت "اگر" کی ہے
(حدائق بخشش،ص۲۲۵،۲۱۲)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو تہ اسان جا آقا سيدالانبياء آهن، نبين جا سردار آهن، ڪونين جا والي آهن، تخليقِ ڪائنات جو سبب آهن، پر ان جي باوجود سندن جو مبارڪ انداز اهو هو جو پنهنجو پاڻ وٽ دنياوي مال رهڻ نہ ڏيندا هئا، پاڻ بکايل رهي ٻين کي کاڌو کارائڻ سندن جو طريقو رهيو آهي، پنهنجو مال هجي يا تحفي ۾ مليل مال هجي بلڪ جيڪڏهن اهو چيو وڃي تہ نبي ڪريمصَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو سمورو مال دين جي لاءِ وقف هو تہ اهو غلط نہ ٿيندو ڇوتہ نبين سڳورن ڪنهن کي دينار ۽ درهم جو وارث ناهي بڻايو جيئن

مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هڪ حديث جي شرح ڪندي لکن ٿا تہ ڪجھ انبياء ڪرام عَلَیۡهِمُ السَّلَام تارِڪ الدُّنيا هئا، جن ٿورو مال بہ جمع ڪري نہ رکيو هو جيئن حضرت يحييٰ وعيسيٰ عَلَیۡهِمَا السَّلَام ۽ ڪن نبين سڳورن وٽ مال گهڻو هو جيئن حضرت سليمان و داؤد عَلَیۡهِمَا السَّلَام، پر ڪنهن نبي جي مالي ميراث

نہ ٻڌجي، انهن جو چڏيل مال دين جي لاءِ وقف هوندو آهي. (مرآة المناجيح،١/١٩٩)

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! اوهان ٻڌو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو مال دين جي لاءِ وقف** هو، خاص ڪري ديني طالب علمن تي خرچ ڪرڻ تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عادت هئي ۽ پنهنجي نياڻيءَ سيده فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي لاءِ بہ اهو ئي پسند فرمائيندا هئا تہ اهي بہ پنهنجو مال دين جي راهہ ۾ خرچ ڪن.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم "مدني مذاڪرو"

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** پياري آقا مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت تي عمل ڪندي اسان کي بہ پنهنجو مال ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ گهرجي ۽ مال سان گڏوگڏ پنهنجو وقت بہ دين جي ڪمن ۾ صرف ڪرڻ گهرجي، ان جو هڪ طريقو اهو آهي تہ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ حصو ورتو وڃي. انهن ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **"هفتہ وار مدني مذاڪرو"** بہ آهي. هن ديني ڪم جا بيشُمار دِيني ۽ دُنيوي فائدا آهن. جيئن، ❖ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي. ❖ مَدَني مذاڪري سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي. ❖ مَدَني مذاڪري ۾ دِيني معلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تربيت بہ ٿيندي آهي. ❖ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! ڪيئي اسلامي ڀائر مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري چڪا آهن. اچو! نِيت ڪريون ٿا تہ اسان بہ هر هفتي **"مَدَني مُذاڪرو"** ڏسڻ کي يقيني بڻائيندا سين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مَدَني مذاڪرو ڏسڻ جي دعوت ڏيندا رهنداسين اِنۡ شَآءَالله.

اچو! تَرغيب لاءِ هڪ مدني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي نيت ڪريون ٿا، جيئن تہ

## مدني مذاڪري جي برڪت

واهہ ڪينٽ(پنجاب پاڪستان) جو اسلامي ڀاءُ معاشري جي ٻين نوجوانن

جيان هيءُ بہ ڪيئي اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هو. مثلاً فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد، موبائل فون ۽ انٽرنيٽ ۾ وقت صرف ڪرڻ سندس محبوب مَشغَلو هو. هڪ ڏينهن هُن کي مدني چينل تي مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدني مذاڪري ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي برڪت سان اُن کي ڏاڍو سڪون مليو ۽ اڳوڻن سيني گُناهن کان توبہ ڪري ورتي ۽ فرض ۽ واجب جو عامِل بڻجڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو، چهري تي هڪ مُشت ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، الله پاڪ جو وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو والِدَين خوشي سان ان کي دعوتِ اسلامي جي ڪمن جي لاءِ ”وقفِ مدينہ“ڪري ڇڏيو آهي.

مدنی چینل کی مہم ہے نفس وشیطاں کے خلاف     جو بھی دیکھے گا کریگا اِنْ شَآءَاللّٰه اِعتراف
نفسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار     کہ ندامت کے سبب ہوگا گنہگار اشکبار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو دين جي لاءِ خرچ ڪرڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو مال **دين جي لاءِ خرچ** ڪندا هئا. جيڪڏهن اسان صحابہءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي سيرت جو مطالعو ڪريون تہ خبر پوندي تہ اهي بہ پنهنجو **مال دين جي لاءِ** قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا. ان باري ۾ اسلام جي پهرين خليفي اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو مثال اسان جي سامهون آهي.

حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ واپاري هئا، ڪپڙي جي وسيع ڪاروبار جا مالڪ هئا، جنهن ڏينهن اسلام آندائون تہ سندن وٽ چاليهہ هزار درهم يا دينار (يعني 40 هزار چانديءَ يا سوني جا سِڪا) هئا، اسلام آڻڻ کان پوءِ اهي سيئي راهہ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيا. (تاريخ مدينة دمشق،۳۰/ ۶۶)

**غزوهءِ تبوڪ** جي موقعي تي پنهنجي گهر جو سمورو مال اسلام ۽

مسلمانن تي نڇاور ڪرڻ جو واقعو بہ سندن ئي جو آهي. اهڙي طرح جڏهن بہ ضرورت پيش آئي تہ دين جي لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ ۾ سندن ٿورو بہ نہ ڪيٻايو. ڪيئي غلامن ڪي پنهنجو ذاتي مال ڏئي آزاد ڪرائڻ جو شرف بہ ڪين کي حاصل آهي. حضرت سيدنا عُروه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه اهڙا ست غلام خريد ڪري آزاد ڪيا جن کي راهِ خدا ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون وينديون هيون. انهن ۾ حضرت سيدنا بلال حبشي ۽ سيدنا عامر بن فهيره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهما بہ شامل آهن. (مجمع الزوائد،كتاب المناقب،باب جامع من فضله ،۳۵/۹،حديث :۱۴۳۴۰)

منقول آهي تہ حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي اسلام قبولڻ کان پوءِ تمام گهڻيون اذيتون ڏنيون ويندي‌ون هيون، حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي پنج اوقيہ (تقريباً 32 تولا) سون جي بدلي خريد ڪيو تہ وڪڻڻ وارن چيو: ابوبڪر! جيڪڏهن اوهان صرف هڪ اوقيہ سون تي زور ڀريو ها تہ اسان ايتري قيمت ۾ ئي ان کي وڪڻي ڇڏيون ها. پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن توهان سو (100) اوقيہ سون گهرو ها تہ مان اهي بہ ڏئي بلال کي ضرور خريد ڪيان ها. (الرياض النضرة، ج ۱ص۱۳۳)

حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي معمولات کي ڏسي لڳي ٿو تہ اسلام جي مدد و نصرت جي لاءِ پاڻ ڪلي دل سان پنهنجو ذاتي مال خرچ ڪيو. پنهنجي مال سان مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اهڙي خدمت ڪئي جو آقا ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ ارشاد فرمايو: مون کي ڪنهن جي مال ايترو فائدو نہ ڏنو جيترو ابوبڪر صديق(رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه) جي مال ڏنو. (ابن ماجة،كتاب السنة، باب في فضائل اصحاب رسول الله،۷۲/۱ ،الحديث:۹۴)

## حضرت عثمانِ غني جو دين جي لاءِ خرچ ڪرڻ

اهڙي طرح اسلام جا ٽيان خليفہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو دين جي لاءِ خرچ ڪرڻ بہ گهڻو مشهور آهي. ڪيئي ڀيرا پاڻ دين جي لاءِ خرچ ڪرڻ تي آقا ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان جنت جون خوشخبريون ماڻيون

آهن. مديني شريف ۾ مهاجرن جي ضرورت تي پاڻ کوهه خريد ڪري دين جي لاءِ وقف فرمايائون. اهڙي طرح غزوه تبوڪ جي موقعي تي پاڻ 950 **اُٺ**، 50 **گهوڙا** ۽ 1000 **اَشرَفيون** پيش ڪيون، پوءِ بعد ۾ 10 **هزار اَشرَفيون** ٻيون پيش ڪيون. (مرآة المناجيح،۸/۳۹۵) **جڏهن** به ضرورت ٿيندي هئي پاڻ دينِ اسلام جي لاءِ خرچ ڪرڻ کان بلڪل نه ڪيٻائيندا هئا.

ساڳي طرح ٻين صحابهَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جا به ڪيئي واقعا آهن جو اهي دين جي لاءِ خرچ ڪرڻ ۾ اڳيرا رهندا هئا.

**پيارا** پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان اسان کي به درس ملي ٿو ته دين جي لاءِ پنهنجو مال ڏيڻ، خرچ ڪرڻ ۾ اڳيرو رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان بزرگن جا واقعا پڙهنداسين ته اسان کي خبر پوندي ته انهن جي به ڪوشش هوندي هئي ته دين جي لاءِ اهڙي هنڌ خرچ ڪيو وڃي جنهن جا فائدا وقتي نه هجن بلڪ اڳتي وارن کي به ان مان فائدو ٿئي. هن سلسلي ۾ ڪروڙين حنفين جي امام، حضرت سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفهرَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پنهنجي شاگرد حضرت امام ابو يوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪفالت جو واقعو اسان جي لاءِ روشن مثال آهي. اچو! هن باري ۾ ٻڌون ٿا:

## امامِ اعظم علم به عطا ڪيو۽ مال به!

**حضرت** امام ابو يوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ فرمائن ٿا ته مون حديث ۽ فقه جي طالبِ علم جي حيثيت سان ڪوفي ۾ وقت گذاريو. شروع ۾ گهڻو تنگ دست ۽ غريب گهراڻي سان تعلق رکندو هئس، منهنجو والد مون کي هڪ ڏينهن حضرت امام ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ وٺي ويو، مان اتي پڙهڻ لڳس، منهنجي والد گهر اچي مون کي چيو: پٽ! حضرت امام ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڏانهن پير ڦهلائي نه ويهندو ڪر، اهو بي ادبي جو انداز آهي.

**پوءِ** منهنجو والد مون کي چوڻ لڳو: اي منهنجا پٽ! اسان غريب ماڻهو

آهيان، جڏهن ته امير ماڻهن جو کاڌو سٺيون غذائون هونديون آهن، اسان سڪل ماني کائي گذارو ڪريون ٿا، اسان گهڻا مفلس آهيون، اهي ڳالهيون چئي منهنجي والدِ محترم مون کي امام ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي درس ۾ وڃڻ کان روڪي ڇڏيو، هوڏانهن امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي غير حاضر ڏٺو ته منهنجي سڄاڻپ وارن کان پڇيو ته يعقوب ڇو نه پيو اچي؟ انهن ٻڌايو ته ان کي ته ان جي والد روڪي رکيو آهي. امام قاضي ابويوسف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هوڏانهن منهنجي ڪيفيت اها هئي جو مان حضرت امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي درس ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ بيتاب رهندو هئس.

آخرڪار مان هڪ ڏينهن سندن درس ۾ وڃي پهتس، پاڻ وڏي شفقت سان غير حاضري جو سبب پڇيو ته مون پنهنجي غربت ۽ والد جي حڪم تي نه اچڻ جو ٻڌايو، ان ڏينهن ته مان سندن مجلس ۾ حديث سڳوريون ٻڌندو رهيس پر جڏهن مان گهر وڃڻ لڳس ته امام ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيائون، جڏهن سمورا ماڻهو هليا ويا ته پاڻ مون کي هڪ ڳوٿري ڏني جيڪا درهمن سان ڀريل هئي، فرمايائون: هن مان گذارو ڪيو، پوءِ الله مالڪ آهي، مون ان کي کوليو ته هڪ سو (100) درهم هئا. پاڻ وڃڻ مهل حڪم ڏنائون ته منهنجي درس جي حلقي ۾ ايندا ڪيو، اهي درهم ختم ٿي ويا ته ٻيهر بندوبست ڪنداسين، ان ڏينهن کان پوءِ مان باقاعدگي سان درس جي حلقي ۾ اچڻ لڳس.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ پاڻ مون کي هڪ ٻي ڳوٿري ڏني، اهڙي طرح پاڻ وقت بوقت منهنجي مدد ڪندا رهيا ۽ ڪنهن کي خبر نه پئي، هڪ خاص ڳالھ اها ته حضرت امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رقم ته ڏيندا رهيا پر ڪڏهن مون کان اهو نه پڇيائون ته ڪهڙي طرح ۽ ڪٿي خرچ ڪريو ٿا؟ ۽ پاڻ ئي محسوس ڪري وٺندا هئا ته روپيا ختم ٿيڻ وارا آهن، ان سان گڏ ئي پاڻ ٻي رقم ڏيندا هئا. مان پڙهندو به رهيس ۽ منهنجو گهر به هلندو رهيو. پوءِ هڪ وقت آيو جو مان مالي

لحاظ سان خوشحال ٿي ويس.

مان مسلسل حضرت امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي درس ۾ ايندو رهيس، علمي استفادو ڪندو رهيس ۽ هڪ وقت آيو جو حضرت امامِ اعظم ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مون کي هڪ طرف دنياوي مال سان خوشحال ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي پاسي علم و فضل ۾ ممتاز بڻائي ڇڏيو، مون تي علم جا دروازا کلي ويا. (مناقب امام اعظم، جز ثاني، ص۲۱۱)

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان سمجهي رهيا هوندا ته ڪي ٻه چار مهينن تائين حضرت امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قاضي امام ابويوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪفالت ڪئي هوندي، ائين ناهي، ٻه ٽي سال نه ڇا بلڪ امام ابويوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته حضرت امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڏهه (10) سال تائين منهنجو ۽ منهنجي گهروارن جو خرچ برداشت ڪيو. (مناقب امام اعظم، جز اول، ص۲۵۹ ملخصا)

## امامِ اعظم ڪي ملڻ واريون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ درس ئي درس آهي. حضرت امام قاضي ابو يوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بعد ۾ تمام وڏا عالمِ، مجتهد، مفتي ۽ قاضيءِ اسلام بڻيا. بلڪ سندن جي فيضِ نظر ۽ پُراثر تعليم سان ڪيئي وڏا وڏا عالم ۽ مفتي ۽ مجتهد پيدا ٿيا. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته حضرت قاضي امام ابويوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي اهو رتبو ۽ مقام ان ڪري مليو جو حضرت امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن جي ڪفالت به ڪئي ۽ انهن کي پڙهايو به. پوءِ حضرت قاضي امام ابو يوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بعد ۾ حضرت امام محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پڙهايو. حضرت امام محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرت امام شافعي جا استاد آهن. حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پڙهايو. حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه امام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي تعليم ڏني. حضرت امام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اڳتي ڪيئي شاگرد پيدا ڪيا ۽ اهڙي طرح پوءِ اڳتي اهو سلسلو وڌندو ويو ۽ اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي ۽ اِنْ شَآءَ الله قيامت

تائين جاري ۽ ساري رهندو. سوچيو وڃي ته اهو سڄو فيضان حضرت امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو آهي ۽ هن سڄي ثواب جا حق دار اهي به آهن ان ڪري جو انهن حضرت امام ابويوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي علمِ دين جي روشني سان منور به فرمايو ۽ انهن تي پنهنجو مال به خرچ ڪيو.

## اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ جو انداز

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اعلي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عادت مبارڪ به هئي ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه علمِ دين حاصل ڪرڻ وارن شاگردن تي خوب خرچ ڪري خوش ٿيندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شاگردن تي گهڻا شفيق ۽ ڪريم هئا، خوشين جي موقعن تي، عيد جي ڏينهن ۾، انهن جي لاءِ نوان نوان ڪپڙا سبرائيندا هئا ۽ قسم قسم جا ڪاڏا پچرائي ڪارائيندا هئا. عرب شاگردن جي لاءِ عربي ڪاڏو، روسي شاگردن جي لاءِ روسي ڪاڏو، بنگالي شاگردن جي لاءِ بنگالي ڪاڏو الغرض جن شاگردن کي جيڪو ڪاڏو وڻندو هو انهن کي اهو پچرائي ڪارائيندا هئا ۽ ڪارائي خُوش ٿيندا هئا. (سوانح اعلي حضرت،ص۱۴۶ملخصا)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوت اسلامي به جامعات المدينه جي شاگردن جي لاءِ ڪاڏي جو بهترين اهتمام ڪندي آهي بلڪ شاگردن جي هر طرح جي سهوليات جو خيال رکيو ويندو آهي، تنهنڪري هن نيڪ ڪم ۾ به دعوت اسلامي سان ڀرپور تعاون فرمايو.

## اسان کي ڪٿي خرچ ڪرڻ گهرجي؟

اي عاشقانِ رسول! هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ نصيحت جا ڪيئي مدني گل به آهن ۽ ڪيتري پياري انداز سان اسان جي رهنمائي به ڪئي پئي وڃي ته اسان پنهنجو مال الله پاڪ جي راهه ۾ ڪهڙي انداز سان خرچ ڪريون ته جيئن ثواب به ملي ۽ اُمّتِ مُسلم جي خير خواهي به ٿئي.

ڪنهن جي عالمِ دِين بڻجڻ ، حافظِ قرآن بڻجڻ ۾ جيڪڏهن اسان جو مالي

حصّو بہ شامل ٿي وڃي تہ ان جا ڪوڙ سارا فائدا بہ آهن ۽ گهٽي دير تائين رهڻ وارا بہ آهن. بلڪ جيڪڏهن ان کي **ثوابِ جاريہ** چيو وڃي تہ بہ دُرست ٿيندو. غور ڪريو! بالفرض اسان جي ڏنل مال مان هڪ عالمِ دين بڻجي ويو تہ ان جي عالم بڻجڻ جو ثواب اسان کي ملندو، اهي تيار ٿيڻ وارا عالم جنهن جنهن کي علمِ دِين سيکاريندا، پڙهائيندا، ان جو ثواب بہ اسان کي ملندو، جيڪو انهن کي ٻڌي عمل ڪندو، ان جو ثواب بہ اسان کي ملندو. اهو اڳتي جنهن جنهن کي ٻڌائيندو ان جو ثواب بہ اسان کي ملندو، اَلغَرَض! الله چاهيو تہ پوءِ اسان جي لاءِ ثواب جو نہ رڪڻ وارو سلسلو شروع ٿيندو.

معلوم ٿيو تہ دين جي لاءِ عالم سڳورن تي خرچ ڪرڻ جو ثواب بہ تمام گهڻو آهي ۽ ان جا فائدا بہ ڪوڙ آهن. انهن فائدن جي پيشِ نظر بعض بزرگن بابت اچي ٿو تہ اهي ڪاروبار ڪري حاصل ٿيڻ واري نفعي مان ڪجهہ رقم صرف عالم سڳورن تي خرچ ڪندا هئا، ان جا فائدا ۽ ثمرات عام ماڻهن تي خرچ ڪرڻ کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ آهن.

## امام اعظم جو دين جي لاءِ خرچ ڪرڻ

خود حضرت سيدنا امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو اهو ئي معمول هو تہ پنهنجي مال مان وڏو حصو **عالم سڳورن جي خدمت** ۾ پيش ڪندا هئا. جيئن قيس بن ربيع جو بيان آهي تہ امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **بغداد** کان ڪوڙ سارو مال خريد ڪري ڪوفي ۾ آڻي ان کي مارڪيٽ ۾ وڪڻندا هئا، ان مان جيڪو منافعو ٿيندو هو تہ پاڻ پنهنجي مشائخن جي لاءِ ضرورت وارو سامان خريد ڪري انهن کي پهچائيندا هئا پوءِ محدث سڳورن جي لاءِ انهن جي ضرورت وارو سامان خريد ڪري انهن جي گهر پهچائيندا هئا، انهن جي لاءِ کائڻ پيئڻ جون شيون، لباس سبرائي موڪليندا هئا ۽ جيڪا رقم باقي بچي ويندي هئي تہ پاڻ عالم سڳورن کي نقد ڏيندا هئا تہ جيئن اهي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪن، گڏوگڏ اهو پيغام موڪليندا هئا تہ مون پنهنجي طرفان ڪجهہ ناهي

موڪليو اهو سڀ الله پاڪ اوهان جي لاءِ نفعو عطا فرمايو آهي، لهٰذا ان جي نعمتن جو شڪر ادا ڪريو، منهنجي واپاري زندگي ۾ جيتري قدر منافعو آهي، هن ۾ اوهان جو حصو آهي، مون ڪي تہ صرف الله پاڪ اوهان جي خدمت جو سبب بڻايو آهي، ان جو رزق منهنجي هٿان اوهان وٽ پهچي رهيو آهي. (مناقب امام اعظم ،جز اول ،ص ٢٦٢ ملخصا)

هڪ ٻي روايت ۾ اچي ٿو تہ امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن بہ پنهنجي لاءِ يا پنهنجي گهر وارن جي لاءِ ڪپڙو يا ڪا ڪاڏي جي شيءِ خريد ڪندا هئا تہ اوتري ئي اها شيءِ عالمن ۽ مشائخن جي لاءِ بہ خريد ڪندا هئا. (مناقب امام اعظم، جز اول ،ص ٢٦١ ملخصا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جا جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪ (Overseas) ۾ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جا سوين **جامعات المدينہ** هزارين طالبن ۽ طالبات کي علمِ دين جي نور سان منور ڪري رهيا آهن. هن وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ 1122 **جامعاتُ المدينہ** قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ پڙهڻ وارن ۽ پڙهڻ وارين جو تعداد تقريباً **88502** (88 هزار پنج سو ٻہ آهي.)

2000ء کان 2021 ء تائين ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ تقريباً 6809 (ڇهہ هزار اٺ سو نَو) مدني عالم سڳورا درسِ نظامي مڪمل ڪري چڪا آهن. جڏهن تہ تقريباً 9308 (9 هزار 308) اسلامي ڀينرون درس نظامي ۽ فيضانِ شريعت ڪورس مڪمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري چڪيون آهن،

الحمدلله! هن وقت 5006(5هزار ڇهہ) مدارس المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا) قائم ٿي چڪا آهن. جن ۾ پڙهڻ وارن ۽ وارين جو تعداد تقرياً 23552(2 لک 30

هزار (552) آهي. هن وقت تائين تقريباً 386354(3لک86 هزار 354) قرآن جو حفظ ۽ ناظران پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. دعوتِ اسلامي جي هن اهم ترين صرف ۾ شعبن جو **سالانو خرچ اربين روپين** ۾ آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن، الله ڪري اسان به انهن جي فهرست ۾ شامل ٿي وڃون، هرهڪ پنهنجي مالي حيثيت جي مطابق غور ڪري وني ته اهو پنهنجي طرفان ڪيترو حصو شامل ڪري سگهي ٿو.

## جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ سان تعاون جي اهميت

هاڻي اسان ٻڌو ته اسان جا اسلاف دينِ اسلام جي لاءِ خرچ ڪرڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪندا ها، ۽ پوءِ خاص طور تي دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ يعني اهڙي اداري سان تعاون ڪرڻ جتي اُمّت جا رهنما يعني عالم سڳورا تيار ٿيندا هجن، اهو ڇڻ ائين آهي جيئن دين کي مضبوط ڪرڻ.

دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ ۾ جتي فيضانِ علمِ دين عام ٿي رهيو آهي، اتي اَلحَمدُ لِله! پڙهڻ وارن جي ذريعي بي نمازين تائين نماز جي دعوت پهچي رهي آهي، قرآنِ پاڪ جي تعليم سان ناواقف ماڻهن ۾ محبتِ قرآن عام ڪئي پئي وڃي، قرآن سکڻ سيکارڻ جو جذبو ڏنو پيو وڃي، اهي اُمّت جا رهنما ڪڏهن امامت جي مُصلّي جي ذريعي ته ڪڏهن منبر جي ذريعي، ڪڏهن **تدريس** جي منصب تي فائز رهي ته ڪڏهن **تصنيف** جي ميدان ۾ پنهنجي **قلم** جي ذريعي نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۾ مصروف آهن، اهڙي اِداري سان تعاون ڪرڻ ڄڻ پنهنجي معاشري ۾ ديني نظام جي ترقي ۽ مضبوطيءَ جو ضامن آهي. پنهنجي **صدقات، خيرات، زڪوٰة ۽ عُشر** وغيره جي ذريعي دعوتِ اسلامي جي **جامعات المدينہ** سان ڀرپور تعاون ڪريو.

## ديني ۽ اخلاقي تربيت

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينہ ۽ مدارالمدينہ ۾ پڙهڻ وارن ۽ وارين جي ديني ۽ اخلاقي تربيت تي ڀرپور توجهه ڏني ويندي آهي. ان جي لاءِ

نمازِ پنجگانہ جي علاوه ٻين نفلن مثال طور صلوٰة التّوبہ، تهجّد، اشراق ۽ چاشت جي نمازن جو اهتمام ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي مختلف موقعن تي بيانات جو سلسلو رکيو ويندو آهي جنهن ۾ ڪڏهن والدين جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ۽ حسن سلوڪ سان پيش اچڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي، ڪڏهن ڪوڙ، غيبت، چغلي، حسد، تڪبر وغيره جهڙي باطني مرضن کان نفرت ڏياري ويندي آهي. اهڙي طرح انهن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تنظيمي تربيت تي بہ خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي، تہ جيئن دورانِ تعليم ۽ درس نظامي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ شاگرد اسلامي ڀائر اسلامي ڀائرن ۾ ۽ پنهنجي گهر وارن ۾ دعوت اسلامي جي طريقيڪار جي مطابق نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ۽ طالبات ٻين اسلامي ڀينرن ۽ پنهنجي محارم رشتيدارن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪنديون رهن.

تنظيمي ۽ اخلاقي تربيت جو نتيجو آهي جو جامعة المدينہ جا طلبہ ڪرام مجلس جي ڏنل جدول جي مطابق مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا آهن، جامعة المدينہ جي آس پاس 12 ديني ڪمن کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذمّہ داريون سنڀاليندا آهن ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! جامعة المدينہ جا استاد سڀَورا ۽ شاگرد سڀَورا **اِمامت ۽ خطابت** جو فريضو بہ سرانجام ڏئي رهيا آهن، جن جي ڪري ڪوڙ **مسجدون آباد** آهن. ڪيئي استاد ۽ شاگرد "**جامعة المدينہ و مدرسة المدينہ آن لائن**" جي ذريعي سڄي دُنيا جي عاشقانِ رسول کي تعليمِ قرآن ۽ علمِ دِين جي روشني سان منور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن، ڪيئي استاد ۽ شاگرد دعوتِ اسلامي جي **مختلف شعبن** ۾ پنهنجون دِيني خدمتون پيش ڪري رهيا آهن.

اهڙي طرح **جامعة المدينہ** (گرلز) جون **مُدرِّسات ۽ طالبات** (يعني پڙهائڻ واريون اسلامي ڀينرون ۽ شاگردياڻيون) بہ دعوتِ اسلامي جي **مختلف شعبن** ۾ ٿيڻ وارن مدني ڪمن ۾ حصّو وٺڻ جي سعادت حاصل ڪنديون آهن. اسلامي ڀينرن جي عالمي مجلس مشاورت جي تحت اسلامي ڀينرن جي 8 **ديني ڪمن** ۾ عملي

طور تي شامل ٿي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اَللّٰهُمّ زِدْ فَزِدْ ثُمَّ زِد. يعني اي الله وڌاءِ اجان وڌاءِ ۽ وري وڌاءِ. (فيضانِ سُنّت صفحه۵۸۹،ملتقطاً)

## عالم نہ بڻجي سگهيؤ تہ ٻين کي بڻايو

**ياد رکو!** هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ **عالم** بڻجڻ جون وڏيون فضيلتون آهن، هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ **حافظ** بڻجڻ جو وڏيون فضيلتون آهن، يقيناً هتي اسان مان ڪيئي اهڙا هوندا جن جي دل ۾ اها خواهش هوندي تہ ڪاش اسان عالم بڻجون ها، ڪيئي اهڙا هوندا جيڪي حافظ بڻجڻ چاهيندا هوندا. اسان جيڪڏهن عالِم نہ بہ بڻجي سگهياسين تہ هاڻي اها سعادت اسان کي ملي سگهي ٿي تہ اسان پنهنجي مال جي ذريعي مدد ڪري ڪنهن کي **عالم بڻائي ڇڏيون**. همت ڪريو ۽ دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ جي جملہ اخراجات جي لاءِ ڀرپور تعاون ڪريو.

## خود ڪفالت

❖ مثال طور الله پاڪ وُسعت ڏني آهي تہ جامعة المدينہ يا مدرسة المدينہ بڻائي **دعوتِ اسلامي** کي ڏئي ڇڏيو. ❖ جيڪڏهن اهو نہ ٿي سگهي تہ ڪنهن جامعة المدينہ يا مدرسة المدينہ جو **ماهوار خرچ** پنهنجي ذمي ونو. ❖ يا ڪنهن **يوٽيلٽي بلز** (مثال طور بجلي، گيس وغيره) جي ادائيگي پنهنجي ذِمي ونو ❖ يا **مدني عملي** (استادن ۽ قاري صاحبان وغيره) **جي پگهار** (Salary) پنهنجي ذِمي تي ونو ❖ جيڪڏهن اوهان سبزين جو ڪاروبار ڪريو ٿا تہ پنهنجي قريبي ڪنهن جامعة المدينہ يا رهائشي مدرسة المدينہ جي **سبزي** وغيره پنهنجي ذِمي ونو. ❖ ڪڻڪ يا اٽي جي پيشڪش ڪريو. ❖ پنهنجي ٻني مان ڪڻڪ جو هڪ حصو مخصوص ڪري ونو تہ اهو الله پاڪ جي رِضا ۽ ثواب جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ يا مدرسة المدينہ جي لاءِ پيش ڪندس. ❖ يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جامعة المدينہ يا رهائشي مدرسة المدينہ جي **راشن** مثال طور (گيهہ،

چانور، پتي، کير وغيره) مان جيڪو مون ڪان پڄي سگهيو پنهنجي طرفان پيش ڪندس يا ڪنهن کي ان جي **ترغيب** ڏياريندس.

## والدين جي لاءِ صدقهءِ جاريه

اَلغَرَض! ڪنهن به طرح هن ڪارِ خير (نيڪي جي ڪم) ۾ تعاون جي ضرور ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان اخراجات ۾ پنهنجي مرحوم والد يا والده يا ٻنهي جي **ايصالِ ثواب** جي به نيت ڪري سگهجي ٿي، ماءُ پيءُ جي حياتي ۾ به ته **نيڪ اولاد** انهن جي خدمت جي لاءِ خرچ ڪندي ئي آهي، اي ڪاش! جو اسان ماءُ پيءُ جي دنيا مان وڃڻ ڪان پوءِ به نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ خرچ ڪري اُنهن کي اِيصالِ ثواب ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهون. اهو **صدقهءِ جاريه** به ٿيندو ۽ الله چاهيو ته دِين جي تقويت جو سبب به ٿيندو. هتي اها ڳالهه به ذهن نشين فرمايو ته اسان هجون يا نه هجون دين جو نظام قيامت تائين هلندو رهندو، اِنْ شَآءَ الله اها اسان جي لاءِ سعادت جي ڳالهه آهي ته هن ۾ اسان جو ڪيترو حصو شامل ٿئي ٿو. يا اسان ٻين سان رابطو ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ ڪيترين نيڪيون لکرائي سگهون ٿا. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین

## اسلامڪ اِي بُڪ لائبريري

اَلْحَمْدُ لله دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ ڪاوشن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي:"Islamic EbookLibrary(اسلامڪ اي بُڪ لائبريري)." آهي. هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي مڪتبة المدينہ طرفان شايع ٿيڻوارا ڪتاب مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا، اها ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو، پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت،

مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/ ٥٥حديث: ١٧٥)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا　　جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## هلڻ جون سُنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو ته شَيخِ طَرِيقَت،اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مَدَني گل“ مان هلڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ❖ سيپاري 15 سوره ۽ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

وَ لَا تَمْشِ فِی الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَ لَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا۔

ترجموڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نه هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نه سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نه پهچندين.

❖ الله پاڪ جي رحمت ڀٽجي دنيا ۾ تشريف فرما ٿيڻ واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هڪ شخص ٻه چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو، اهو زمين ۾ دٻايو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ ڌٻجندو ويندو. (صحيح مسلم ص 1156حديث 2088) ❖ رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا ته ڪجهه اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ ته پاڻ مٿانهين کان هيٺ پيا لهن. (الشمائل المحمديه للترمذي ص 87 رقم 118) ❖ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نه هجي ته رستي جي ڪناري وچٿري چال هلو، نه ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين ته تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نه ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو. ❖ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنّت ناهي، هيٺ نِگاهه ڪري باوقار طريقي سان هلو. ❖ رستي تي ٻه عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن ته انهن جي وچ مان نه گذرو جو حديث پاڪ

۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداود ،ڪتاب الادب،باب في مشي النساء مع الرجال في الطريق، ۴۷۰/۴،حديث:۵۲۷۳)

❖ ڪجھ ماڻھن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو بہ انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (1)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّم

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.(2)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون،ص151 ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

3...القول البدیع،الباب الثانی، ص277،

## ﴾4﴿ڇھ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب ملندو آھي.[1]

## ﴾5﴿قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ائين پڙھندو آھي.[2]

## ﴾6﴿دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آھي جيڪو شخص ھن درود شريف کي پڙھي تہ ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

[2]...القول البدیع،الباب الاول،ص125

[3]... الترغیب والترہیب،کتاب الذکر و الدعاء،۲/۳۲۹،حدیث:۳۰

### ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف ڪي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن [1]

### ﴿1﴾ چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا ڪي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[2]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پالڻهار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2] ... تاريخ ابنِ عساكر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵